SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريه 2012
SINDH ACT NO.IX OF 2012

سنڌ صوبي لاءِ محتسب اعليٰ جي آفيس جو قيام (ترميم) ايڪٽ، 2012
THE ESTABLISHMENT OF THE OFFICE OF OMBUDSMAN FOR THE PROVINCE OF SINDH (AMENDMENT) ACT, 2012

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1992 جي سنڌ ايڪٽ نمبر. I جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No.I of 1992

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2012
SINDH ACT NO.IX OF 2012
سنڌ صوبي لاءِ محتسب اعليٰ جي آفيس جو قيام (ترميم) ايڪٽ، 2012
THE ESTABLISHMENT OF THE OFFICE OF OMBUDSMAN FOR THE PROVINCE OF SINDH (AMENDMENT) ACT, 2012

[2 اپريل 2012]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي لاءِ محتسب اعليٰ جي آفيس جو قيام ايڪٽ، 1991 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي لاءِ محتسب اعليٰ جي آفيس جو قيام ايڪٽ، 1991 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ صوبي لاءِ محتسب اعليٰ جي آفيس جو قيام (ترميم) ايڪٽ، 2012 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1992 جي سنڌ ايڪٽ نمبر. I جي دفعہ 4 جي ترميم Amendment of

2. سنڌ صوبي لاءِ محتسب اعليٰ جي آفيس جو قيام ايڪٽ، 1991 جي دفعہ 4 ۾، ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"1) محتسب اعليٰ چئن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندو:

بشرطيڪ گورنر، ڪنهن خاص ڪيس ۾، وڏي وزير جي مشوري تي محتسب اعليٰ جو مدو وڌائي سگهي ٿو يا سندس وڏيڪ مدي لاءِ ٻيهر مقرري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي.	Section 4 of Sindh Act No.I of 1992

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.